50 Years Golden Jubilee
MILLAT TRACTORS LIMITED

TÜV AUSTRIA HELLAS
EN ISO 9001:2008

# ملت
# جا
# میسي فرگوسن ٹریکٹر
# Millat240/350 Plus/260/360
# Millat375/385/385 4WD
# آپریٹر گائیڈ بوک

50 Years Golden Jubilee
MILLAT TRACTORS LIMITED

TÜV AUSTRIA HELLAS
EN ISO 9001:2008

Publication No. SD/512/2017

MILLAT — MTL — مِلّت
ملت ٹریکٹرز لمیٹڈ

MILLAT — MTL — مِلّت
ملت ٹریکٹرز لمیٹڈ

MILLAT TRACTORS LIMITED

MILLAT TRACTORS LIMITED


| | Head Office: Lahore | Regional Office: Karachi | Regional Office: Islamabad | Regional Office: Multan | Regional Office: Sukkur |
|---|---|---|---|---|---|
| Phone | 042-37911021-25 | 021-34553752 | 051-2271470 | 061-6537371 | 071-5815041 |
| Fax | 042-37925835 | 021-34556321 | 051-2270693 | 061-6539271 | 071-5815042 |
| Help Line | 111-200-786 | 111-200-786 | 111-200-786 | | |

E-mail: mtlwarranty@millat.com.pk
website: www.millat.com.pk

ملت ٹریکٹرز لمیٹڈ 9- کلومیٹر شیخوپورہ روڈ شاہدرہ لاہور

- هميشه ملت جا جينوئن فلٽر ۽ آئل استعمال ڪريو. نہ تہ پوءِ وارنٽي منسوخ ٿي ويندي.
- پهرين 30 ڪلاڪن تائين ٽريڪٽر کي خالي نہ پر 75% لوڊ تي هلايو.
- پوئين ايڪسل جي سينٽر لائين کان مٿي ڪنهن بہ جڳهہ کان ڪوئي وزن ٽرالي نہ چڪيو.
- ٽريڪٽر جي استعمال کان پهرين تمام نٽ ۽ بولٽ چيڪ/ٽائيٽ ڪريو.
- تمام آئل ليول چيڪ ڪريو.
- ٽائرن جو پريشر چيڪ/پورو ڪريو.
- اگر هائيڊ رالڪ ٽپنگ ٽرالي، فرنٽ ۽ لوڊر يا فرنٽ بليڊ استعمال ڪرڻو هجي ته 3 لٽر هائيڊ رالڪ آئل معمول کان وڌيڪ وجهو.
- اگر انجڻ هليل هجي ته ٽريڪٽر جي صفائي، گريس ۽ مرمت هرگز نہ ڪريو.
- MF260 ٽربو ٽريڪٽر ۾ عام آئل استعمال نہ ڪريو

**بلڪ ملت ٽريڪٽر جو ملت سپرپلس آئل استعمال ڪريو.**


- ٽريڪٽر استعمال ڪرڻ کان پوءِ هميشه ڊيزل ٽينڪ پورو ڀريو.



## ڊيزل ٽينڪ ڀرڻ جو طريقو:

هميشه اهڙو ڊيزل استعمال ڪريو جنهن ۾ مٽي، پاڻي ۽ غيرضروري شيون شامل نہ هجن ڇو تہ اهي فيول انجيڪشن پمپ ۽ آٽومائيزرز جي قيمتي ۽ نازڪ پرزن کي خراب ڪري ڇڏيندا آهن جي سان ٽريڪٽر جي ڪارڪردگي متاثر ٿيندي آهي. مٿين بيان ڪيل حصن جي حفاظت جي لاءِ ضروري آهي تہ جڏهن توهان ڪم ختم ڪري واپس اچو تہ ڊيزل ٽينڪ کي ان وقت ئي ڀري ڇڏيو ان ڪري جو ڊيزل ٽينڪ ۾ هوا جيتري گهٽ هوندي ان ۾ موجود پاڻي اوترو ئي گهٽ لهندو ۽ پرزا نقصان کان محفوظ ٿيندا.

**نوٽ: ڊيزل ٽينڪ ۾ آئل هرگز نہ وجهو.**




POSITION CONTROL LEVER

# پوزيشن ڪنٽرول ليور (اندرواروليور)

هي ليوراهتري زرعي سامان يا مشين جي لاء استعمال ڪيووينداوآهي جيڪوزمين جي مشين سطح جي لاء استعمال ٿيندوآهي.هن ليورجي مدد سان ٽريڪٽرلوئر لنڪن ڪي پنهجي مرضي مطابق اونچائي تي قائم رکي سگهي ٿو.


مثال طور:

پاڻ وڃائڻ واري مشين،گاهه ڪٽڻ وارومودء اپرٽير وغيره پوزيشن ڪنٽرول ليورڪي ضرورت جي مطابق استعمال ڪريوجڏهن ته ڊرافٽ ڪنٽرول ليور ڪي "مٿي"(up)پوزيشن تي رکو.

انتهائي اهم:

هميشه ٽريڪٽر ڪي زرعي اوزارن سان لڳائڻ وقت پوزيشن ڪنٽرول ليور استعمال ڪريو.





RESPONSE CONTROL LEVER

# ريسپانس ڪنٽرول ليور

هي ليور سينٽرهاؤزنگ تي ڊرائيور سيٽ جي هيٺان سڄي پاسي کان لڳل هوندوآهي.

هن جوصرف۽صرف هريا ٽريڪٽرجي لوئرلنڪن ڪي ڪِرڻ جي رفتار ڪي ڪنٽرول ڪرڻ هوندوآهي.

هي لوئر لنڪن ڪي مٿي ڪٽڻ جي رفتار ڪي ڪنٽرول نه ڪندوآهي اگرليور ڪي جَمَعُ(+) جي نشان ڏانهن وڃجي ته ان سان هرتيزئ سان زمين تي ڪري پوندو۽ڪاٿو(-)نشان ڏانهن ڪٽي وڃڻ جي صورت ۾ هر هور يان هو ريان زمينڻ تي(هيٺ)رهندو.عام طورتي وچوئي پوزيشن ٺيڪ آهي.لهٰذازمين۾ هرهلائڻ وقت وچوئي پوزيشن تي رکڻ ٺيڪ آهي.


★ ٽربوجي آئل سپلاءِ واپسي پائيپ جي صفائي ڪريو.

سپلاءِ پائپ



واپسي پائپ

★ ٽربو هائوزنگ جي اندر ٽڳل جاري (سٽرينر) کي نرم برش سان صاف ڪريو.



**نوٽ: ٽربو ٽريڪٽر ۾ ملٽ سپرپلس آئل يا تجويز ڪيل آئل ئي استعمال ڪريو.**



# روزانو ٽريڪٽر جي سنڀال.
# ميسي فرگوسن ٽريڪٽر

- ⚪ روزانو/هر 10 ڪلاڪ ڪان پوءِ.
- 🟡 پهرين 30 ڪلاڪن کان پوءِ.
- ⚪ هر 100 ڪلاڪن کان پوءِ.
- 🟠 پهرين 250 ڪلاڪن کان پوءِ.
- 🔵 پهرين 600 ڪلاڪن کان پوءِ.

★ بيٽريءَ ۾ پاڻيءَ جي ليول چيڪ ڪريو گهٽ هجڻ جي صورت ۾ ڊسٽلڊ واٽر سان پورو ڪريو.




ملت بيٽري Millat240/350 Plus/260/360




ملت بيٽري Millat350/385/385 4WD



★ فين بيلٽ جو چيڪ ڪريو. فري پلي 10 ملي ميٽر يا 3/8 انچ کان وڌيڪ نه هجي.






فين بيلٽ

Millat375/385/385 4WD



فين بيلٽ

Millat240/350 Plus/260/360

# هر 100 ڪلاڪن کانپوءِ

★ مڪمل ائيرڪلينر اسمبلي کي مٽيءَ جي تيل(گاسليٽ)سان ڌوئي سڪائي(خشڪ)ڪري فٽ ڪريو.






★ آئل فلٽر ۽ ڊيزل فلٽر تبديل ڪريو.



ڊيزل فلٽر Millat375/385



ڊيزل فلٽر Millat240/350 Plus/260/360

آئل فلٽر Millat260




آئل فلٽر Millat360





آئل فلٽر Millat240 Millat350 Plus

Millat375/385/385 4WD



آئل فلٽر Millat385/385 4WD

## ڀريان 250 ڪلاڪ پوراٿيڻ تي (ٻي فري سروس)

هي سروس ڀريان 250 ڪلاڪ پوراٿيڻ تي ياڊليوري جي تاريخ کان 4 مهينان جي اندر اندر(جو به ڀرين مڪمل ٿئي) ٿيڻ گهرجي.هن سروس جي لاءِ توهان ٽريڪٽر کي هلائي ڪري ويجهي مين ڊيلر/منظورشده ورڪشاپ ڪاهي وڃوءِ250ڪلاڪن جي سروس واري وائو چرتي ڏنل هدايتن مطابق ڪم ڪرايو.

هن سروس وقت هڪ آئلءِ هڪ ڊيزل فلٽر مفت حاصل ڪريوءِتوهان کان ڪم جي مزدوري نه ورتي ويندي.آئل جوبندوبست توهان پاڻ ڪريو.



## ڀريان 600 ڪلاڪ پوراٿيڻ تي (ٽري فري سروس)

هي سروس ڀرين 600 ڪلاڪ مڪمل ٿيڻ تي ياڊليوري تاريخ کان 8 مهينن جي اندر اندر (جوبہ ڀرين مڪمل ٿئي)ٿيڻ گهرجي.

هن سروس جي لاءِ توهان ٽريڪٽر هلائي ڪري ويجهي مين ڊيلر/منظورشداورڪشاپ تي ڪاهي وڃوءِ600ڪلاڪ جي سروس واري وائو چرتي ڏنل هداتين مطابق ڪم ڪرايو.

هن سروس جي دوران هڪ آئلءِ 2ڊيزل فلٽرمفت حاصل ڪريوءِ توهان کان ڪم جي مزدوري نہ ورتي ويندي.آئل جوبندوبست توهان پاڻ ڪندؤ.

# نوٹ



# نوٹ

Published By:
Service Department

**MILLAT TRACTORS LIMITED**
Sheikhupura Road, P.O. Box 12023,
Shahdara, Lahore - Pakistan.
Ph: 042-37911021-25

PROMOTION PRINTERS
30-Mumtaz Street, Habibullah Road, Lahore.
Ph: 0423-636 0408, 0300-847 0408
E-mail: pp_qadeer@yahoo.com

# پاکستان میں تیار ہونے والے ملت ٹریکٹر کے ماڈلز

*Millat240/350 Plus/260/360/375/385/385 4WD*

